# ڪوشش

## ڪاميابي جي ڪنجي آهي



07-February-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# كوشش كاميابي جي ڪنجي آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

رحمت واري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ بروزِ قيامت ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا. (اَلْفِردَوس بمأثور الْخِطاب، ٥/٢٧٧ حديث:٨١٧٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**۾ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جا معاملا هجن يا آخرت جو ميدان، ڪاميابيون ماڻڻ جي لاءِ ڪوشش (Effort) نهايت ضروري آهي. ان ڪري چيو ويندو آهي تہ ڪوشش ڪاميابي جي ڪنجي آهي. اڄ جي بيان ۾ اسان ڪوشش جي اهميت جي باري ۾ ٻڌڻ سان گڏوگڏ اهو بہ ٻڌنداسين تہ ڪن ڪمن ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ کان علاوه ٻي ڪا وڏي ڪاميابي ٿي نٿي سگهي، اهڙي وڏي ڪاميابي ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ کهڙي شيءِ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي اهو بہ اڄ بيان ڪيو ويندو. دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون ماڻڻ جي لاءِ اطاعتِ والدين جي ڪوشش ڪرڻ ڪيتري ضروري آهي اهو بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. مسلسل ڪوشش ڪيتريون وڏيون وڏيون ڪاميابيون ڏياري سگهي ٿي، ان بابت واقعا ۽ ٻيا ڪوڙ مدني گل بہ اڄ جي بيان ۾ ٻڌنداسين. اچو! ڪوشش جي اهميت تي هڪ سبق آموز حڪايت ٻڌون ٿا:

## ڪِيوْلي جي ڪوشش!

چون ٿا ته هڪ بادشاه ڪنهن علائقي کي فتح ڪرڻ جي لاءِ 6 ڀيرا حملا ڪيائين پر اهو علائقو فتح ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. جڏهن ان جو آخري حملو به ناڪام ٿي ويو ته اهو ٿڪجي مايوسي جي حالت ۾ ڪمري ۾ آرام ڪرڻ جي اِرادي سان ليٽي پيو. لاڳيتو ناڪام ٿيڻ وارن حملن جي باري سوچيندي اوچتو ان جي نگاهه ڪمري جي ديوار تي چڙهندڙ هڪ ڪِيُولي تي پئي. جيڪا هر هر ڪِرڻ جي باوجود پِٽ تي چڙهڻ جو ارادو نه پئي ڇڏي، ڪيئي ڀيرا ته اها ديوار (Wall) جي آخري ڪناري تي تمام ئي ويجهو پهچي ويندي هئي پر وري هيٺ ڪري پوندي هئي ۽ ٻيهر ديوار تي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندي هئي. آخرڪار وڏي جاکوڙ ۽ ڪوشش کان پوءِ اها پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي وئي. چيو ويندو آهي ته ان بادشاه جڏهن ڪِيُولي جي اهڙي لاڳيتي ڪوشش ڏٺائين ته ان سمجهي ورتو ته ”ڪوشش ڪاميابي جي ڪنجي آهي“ ان کان پوءِ ان بادشاه نئي جوش ۽ جذبي سان ٻيهر حملو ڪيائين ۽ پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪيولي جي ڪوشش مان سبق حاصل ڪريو

اي عاشقانِ رسول! هن حڪايت مان اهو سبق مليو ته لڳاتار ڪوشش ۽ محنت ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور رنگ آڻيندي آهي، پنهنجي مقصد کي ماڻڻ جي لاءِ هڪ ڪيولي جو ڪردار اسان جي لاءِ مشعلِ راهه آهي، هن مان مشاهدو ٿيو ته منزل ڪيڏي ئي وڏي ۽ مشڪل ڇو نه هجي، ڪيولي اَٽل ارادي سان پنهنجي مقصد ڏانهن وڌندي آهي ۽ وڏي کان وڏي بُلندي حاصل ڪري پوءِ ئي ساهه پٽيندي آهي. اهو به مشاهدو ٿيو ته معمولي جسامت رکڻ واريون ڪجهه ڪيوليون گڏجي وڏي وڏي اناج جا داڻا پنهنجي ٻِر ۾ ڇڪي ڪٽي وينديون آهن،

ان جي پويان بہ انهن جي مسلسل محنت ۽ ڪوشش جو ئي نتيجو هوندو آهي. اسان کي بہ ڪيولين کان سبق حاصل ڪندي مسلسل ڪوشش کي پنهنجي زندگي جو حصو بنائڻ گهرجي. مسلسل ڪوشش سان مشڪل ڪم بہ آساني کان ٿي ئي ويندو آهي جڏهن تہ بغير ڪوشش جي آسان ڪم بہ تمام مشڪل (Difficult)معلوم ٿيڻ لڳندو آهي.

## ڪوشش ڪٿي ڪريون؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ❖ اسان کي ڪوشش هميشہ انهيءَ ڪم ۾ ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي هجي، ❖ ڪوشش هميشہ انهيءَ ڪم ۾ ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ الله پاڪ ۽ رسول ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا هجي، ❖ ڪوشش هميشہ انهيءَ ڪم ۾ ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ دينِ اسلام جي سر بلندي هجي، ❖ ڪوشش هميشہ انهيءَ ڪم ۾ ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ مُلڪ ۽ مِلَّت جو فائدو هجي، ❖ ڪوشش هميشہ انهيءَ ڪم ۾ ڪرڻ گهرجي جيڪا سنّتن جي ڦهلاءُ جو سبب بڻجي. ❖ ڪوشش هميشہ انهيءَ ڪم ۾ ڪرڻ گهرجي جيڪو نيڪين ڏانهن ڪٺي ويندڙ هجي، قرآنِ ڪريم ۾ الله پاڪ پنهنجي واٽ ۾ ڪوشش ڪرڻ وارن کي ڪاميابي جي خوشخبري ٻڌائي آهي: جيئن سيپاري 21 سوره عنڪبوت آيت 69 ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَاؕ | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جن اسان جي راهہ ۾ ڪوشش ڪئي اسان ضرور انهن کي پنهنجي راهہ هلائينداسي |

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت سڳوري تحت جيڪو لکيل آهي ان جو خلاصو هي آهي تہ:

- جيڪو الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، ضرور انهن کي پنهنجي ثواب جا رستا ڏيکاريا ويندا.

- ❖ جيڪي ماڻهو توبہ ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪندا، ضرور انهن کي اخلاص واريون راهون ڏيکاريون ويندون.
- ❖ جيڪي ماڻهو علم حاصل ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪندا، ضرور انهن کي عمل جون راهون ڏيکاريون وينديون.
- ❖ جيڪي سنت کي قائم ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪندا، انهن کي جنت جون راهون ڏيکاريون وينديون. (صراط الجنان، ۴۰۹/۷)

اي عاشقانِ رسول! هن آيت سڳوري ۽ هن جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ جيڪو چڱو ڪم ڪندو اهو ان جو ڦل بہ چڱو ئي ماڻيندو. الله پاڪ جي رحمت سان اميد آهي تہ ❖ جيڪو شَخص والدين (Parents) جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ ڪوشش ڪندو تہ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيون ان جا قدم چمنديون. ❖ جيڪو مسلمانن جي خير خواهي جي ڪوشش ڪندو آخرت جا مرحلا ان جي لاءِ آسان ٿيندا ويندا، ❖ جيڪو صدقو ڏيڻ ۾ ڪوشش ڪندو رهندو ان جي مال ۾ برڪت ٿيندي رهندي، ❖ جيڪو گناهن کان توبہ ۾ ڪوشش ڪندو ان کي اِخلاص جي دولت نصيب ٿيندي، ❖ جيڪو عمل حاصل ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪندو ان کي ميدانِ عمل ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي ۽ ❖ جيڪو سنتون اپنائڻ ۽ سنتون ڦهلائڻ ۾ ڪوشش ڪندو تہ جنت جهڙي نعمت کي حاصل ڪرڻ ان جو مقدر ٿيندو.

هن ۾ شڪ ناهي تہ رضاءِ الٰهي کي حاصل ڪرڻ بنيادي مقصد آهي. رضاءِ الٰهي جهڙي ڪاميابي نصيب ٿي وڃي تہ دنيا بہ سنورجي ويندي آهي ۽ آخرت بہ روشن ٿي ويندي آهي. ياد رکو! الله پاڪ جي رِضاء سڀ کان وڏيڪ اهم آهي، انسان کي ڪوشش ڪانپوءِ ڪاميابين سان نوازڻ وارو مالڪ ۽ مولٰي عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ

ترجمو: ۽ الله جي رضاء سڀ کان وڏي آهي. (پ۱۰،التوبہ: ۷۲)

معلوم ٿيو ته رضاءِ الٰهي کان وڏي ٻي ڪابہ ڪاميابي نٿي ٿي سگهي. رضاءِ الٰهي جهڙي ڪاميابي ڪيئن حاصل ٿي سگهي ٿي؟ ان جي لاءِ ڪهڙي ڪوشش ڪرڻ ضروري گهرجي، اچو ان جي متعلق ٻڌون ٿا.!

## رضاءِ الٰهي جي لاءِ عبادت

ياد رکو! رضاءِ الٰهي جهڙي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري علم حاصل ڪري ان جي مطابق الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ گهرجي. چوته ❖ عبادت جي قبوليت جي لاءِ ضروري آهي اها انهيء انداز کان ڪئي وڃي جهڙي طرح عبادت ڪرڻ جو حڪم آهي. ❖ عمل حاصل ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ شيطان جي چنبي کان نڪرڻ جو طريقو آهي.❖ عمل حاصل ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ ان جو قربِ ماڻڻ جو سبب آهي. ❖ عمل حاصل ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ گناهن جي مرض کان شفا ماڻڻ جي دوا آهي. ❖ عمل حاصل ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ ظاهر ۽ باطن جي اصلاح جو سبب آهي. ❖ عمل حاصل ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ روح جي تازگي جو سبب آهي، ❖ عمل حاصل ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ اهو ذريعو آهي جيڪو انسان کي الله پاڪ جي قريب ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جا بزرگ سڳورا رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی هر وقت علم ۽ احڪامِ شريعت جي مطابق الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا ۽ فرض ۽ واجبات کي ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ نفلن جي ڪثرت ڪري رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهندا هئا، اچو! بزرگان دين جي عبادت جا واقعا ٻڌون ٿا، جيئن

انسانن ۽ جنن جي غوث، حضور غوث الثقلين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه چاليهه سالن تائين

عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪندا رهيا، پندرهن سالن تائين سڄي رات ۾ هڪ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا رهيا. (بهجةالاسرار،ذکرفصول من کلامه... الخ، ص۱۱۸) هر روز هڪ هزار رڪعت نفل ادا ڪندا هئا. (تفريح الخاطر،ص۳۶)

حضرت سَيِدُنا سُفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي سندن اِنتقال کان پوءِ خواب ۾ ڏسي ڪنهن پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰه بِكَ. يعني الله ڪريم اوهان سان ڪهڙو مُعاملو ڪيو؟ ته پاڻ جواب ڏنائون ته مون پنهنجي ربّ ڪريم جوديدار ڪيو ته الله ڪريم مون کي فرمايو: اي ابنِ سعيد! تو کي مُبارڪ هجي، مان تو سان راضي آهيان، ڇوته جڏهن رات ٿي ويندي هئي ته توهان لڙڪن ۽ رقت قلبي سان منهنجي عبادت ڪندا هئؤ، جَنّت (Heaven) توهان جي سامهون آهي جيڪو محل وڻِيَوَ ڪٽي ونو ۽ توهان منهنجي زيارت ڪندا رهو، ڇوته مان تو کان پري ناهيان. (حلية الاولياء، سفيان الثوري ، ۷/۷۷)

تاج و تخت و حکومت مت دے　　کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی رضا کا دیدے مُژدہ　　یاالله میری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۱۲۳)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته! اسان جا بُزرگ سڳورا الله پاڪ جي رضا جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيتري قدر ڪوشش ڪندا هئا، ڏينهن هجي يا رات انهن جي زندگي جو مقصد هڪ ئي هوندو هو ته اسان کي پنهنجي رب ڪريم کي راضي ڪرڻو آهي، جڏهن اهي مقدس هستيون الله پاڪ جي عبادت ۽ رياضت اهڙي انداز کان ڪنديون آهن جهڙي طرح عبادت ڪرڻ جو حڪم آهي ته ربّ ڪريم انهن کي پنهنجي رضا جي خوشخبري ڏيندو آهي، پرافسوس!اَڄُ اسان دنياوي اعتبار سان ته هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، مثال طور ڪنهن جو عاليشان بنگلو ڏسي ان جهڙو بنائڻ جي خواهش ڪندا آهيون، ڪنهن کي عمده ڪپڙا پاتل ڏسي اهڙا ئي پائڻ جي خواهش ڪندا آهيون، ڪنهن جي نئي ڪار يا ڪامياب ڪاروبار (Business)

ڏسي وات ۾ پاڻي پرجي ايندو آهي. دنياوي مال ۽ دولت جي مَحَبَّت جو غلبو ايتري قدر وڌندو پيو وڃي جو رات ڏينهن ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙ ۽ ڪوشش ڪندي ٿورو به نٿا ٿڪِجون.

چا ڪڏهن ڪنهن کي نيڪيون ڪندي ڏسي اسان جي اندر به نيڪين جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو جذبو بيدار ٿيو؟ ڇا ڪنهن کي مسجد ڏانهن ويندي ڏسي اسان جو به پنج ئي نمازون باجماعت پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو ذهن بڻيو؟ ڪنهن کي سُنّت مُطابق لباس پاتل، چهري تي ڏاڙهي شريف ۽ مٿي تي عمامو شريف سجايل ڏسي ڪڏهن انهن سُنّتن کي اپنائڻ جو جذبو بيدار ٿيو؟ ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي مَدَني درس، مدني دورو، هفتيوار اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪندو ڏسي اسان به انهن ڪمن جي لاءِ ڪوشش ڪئي؟ اي ڪاش! ٻين کي نيڪ ڪمن ۾ مشغول ڏسي اسان جي اندر به نيڪ بڻجڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو جذبو (Eagerness) بيدار ٿي وڃي.
اچو! ذوق عبادت وڌائڻ جي نيت سان هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## سڄي رات عبادت ۽ سڄو ڏينهن روزو

حضرت سيدُنا حبيب نجّار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سڄي رات عبادت ڪندا هئا ۽ سڄو ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ افطار جي لاءِ جيڪو کاڌو حاضر ڪيو ويندو هو اهو به ٻين ۾ ورهائيندا ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ سڄي رات بُک واري حالت ۾ عبادت ڪندي گذاريندا هئا. جڏهن صبح ويجهو ٿيندي هئي تہ عاجزي ۽ انڪساري سان بارگاهِ الٰهي ۾ عرض (دعا) ڪندا هئا: مان غفلت جي سمنڊن ۾ ٻڏل رهيس ۽ گناهن جي ميدانن ۾ هلندو رهيس. ياالٰهي! هي(حبيب نجار) تنهنجو ذليل، گُنهگار ۽ بيمار ٻانهو تنهنجي ڪرم واري دروازي تي حاضر آهي ۽ تو کان پناهہ جو طلب گار آهي. (الروض الفائق،باب في النزيه و ذکر الصالحين،ص ۲۴۶ ملخصاً)

اگر میزاں پہ پیشی ہوگئی تو ہائے! بربادی! گناہوں کے سِوا کیا میرے نامے میں بھلا نکلے
کرم سے اُس گھڑی سرکار! پردہ آپ رکھ لینا سَرمَحْشَر مِرے عیبوں کا جس دم تذکِرہ نکلے
(وسائلِ بخشش مرمم ،ص۴۳۰)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جا بزرگان دين عبادتِ الهي جو ڪيتري قدر شوق ۽ جذبو رکندا هئا ۽ ڪثرت سان عبادت ڪرڻ کان پوءِ به الله ڪريم جي بارگاھ ۾ عاجزي ۽ انڪساري ڪندي ان جي قبوليت جون دعائون ڪندا هئا. ❖اسان کي به خوب خوب اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪري رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گھرجي.❖ اسان کي به الله پاڪ جي عبادت ڪري قبر جي روشني جو سامان ڪرڻ گھرجي.❖ اسان کي به اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪري محشر جي ڏينهن جي گرمي کان بچڻ جو سامان ڪرڻ گھرجي. ❖اسان کي به اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪري ميزان ۾ نيڪين جي پڙن کي ڳرو ڪرڻ جو ڪجھ سامان ڪرڻ گھرجي. ❖ اسان کي به الله پاڪ جي عبادت ڪري پُل صراط کي پار ڪرڻ جو سامان ڪرڻ گھرجي. ❖ اسان کي به اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪري جنت ۾ بلند درجا حاصل ڪرڻ جو سامان ڪرڻ گھرجي.

ياد رکو! اسان کي ته پيدا ئي اللّٰه پاڪ پنهنجي عبادت جي لاءِ ڪيو آهي، ان مقصد ۾ ڪاميابي جي لاءِ انسان کي هن دنيا ۾ تمام ٿورڙي وقت جي لاءِ موڪليو ويو آهي ۽ هن وَقفي ۾ ان کي قبر ۽ حشر جي وڏن معاملن جي لاءِ تياري ڪرڻي آهي، لهٰذا سمجھدار انسان اهو ئي آهي جيڪو هن مختصر وقت کي غنيمت سمجھندي قبر ۽ حشر جي تياري ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ گھڙي ڪن به پنهنجو قيمتي وقت فضول ڪمن ۾ برباد نه ڪري، ڇوته ڪنهن کي خبر ناهي ته ايندڙ گھڙي هو زنده به رهندو يا موت ان کي هميشه جي لاءِ گھري ننڊ سمهاري ڇڏيندو.

عبادت میں گُزرے مِری زِندگانی کرم ہو کرم یا خدا یا اِلٰہی
(وسائلِ بخشش ص 105)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دنياءِ آخرت ۾ ڪاميابي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيون ماڻڻ جي لاءِ ڪيئي نيڪ عملن کي لاڳيتو استقامت سان جاري رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ضروري علم ۽ عمل سان گڏو گڏ حقوق العباد جي ادائگي جي به وڏي اهميت آهي. اسان جي حسن ۽ سلوڪ جا سڀ کان وڌيڪ حقدار اسان جا ماءُ ڀيءُ آهن، والدين جي اطاعت ۾ ڪوشش به دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابين جو سبب بڻجي سگهي ٿي. يقيناً والدين الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهن، انهن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ، انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مشغول رهڻ اهڙي نيڪي آهي جيڪا انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ڪرائي سگهي ٿي، تاريخ شاهد آهي جن ماڻهن پنهنجي والدين جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ ڪوشش ڪئي ته الله پاڪ انهن کي اهڙو مقام ۽ مرتبو عطا فرمايو آهي جو ڪنهن کي تابعين ۾ سڀ کان افضل هئڻ جو مقام مليو ته ڪنهن کي تمام اوليائن جي سرداري نصيب ٿي،ته ڪنهن کي پنهنجي وقت جو مجدد هئڻ جو منصب نصيب ٿيو ته ڪنهن کي الله پاڪ جي رضا جي خوشخبري نصيب ٿي. قيامت تائين اچڻ وارن جي دلين ۾ انهن جي محبت بيدار رهندي، اچو! والدين جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ ڪوشش ڪرڻ وارن بُزرگ سڳورن جا (2) واقعا ٻڌون ٿا، جيئن

## ماءُ جي خدمت ۽ ولايت جو مرتبو

حضرتِ سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: سياري جي هڪ سخت رات منهنجي امڙ سائڻ مون کان پاڻي گهريو، پاڻي جو گلاس ڀري ڪٽي آيس پر اَمڙ کي ننڊ اچي وئي، مون جاڳائڻ مناسب نه سمجهيو، پاڻي جو گلاس ڪٽي اُنهي انتظار ۾ بيٺو رهيس ته سجاڳ ٿين ته پاڻي پيش ڪيان، بيهي بيهي گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ گلاس جو ڪجھ پاڻي وهي منهنجي آڱر تي جمي برف بڻجي ويو هو، بهرحال جڏهن منهنجي اَمڙ بيدار ٿي ته مون پاڻي پيش ڪيو، برف جي ڪري منهنجي ڳنڊيل آڱر جيئن ئي پاڻي جي گلاس کان الڳ

تي تہ ان سان گڏ ان جي ڪل بہ الڳ تي وئي ۽ رت وهڻ لڳو امڙ سائڻ هي ڏسي ڪري فرماياؤن: هي ڇا؟ مون سچي حقيقت بيان ڪئي تہ انهن هٿ کڻي دعا ڪئي: اي ڪريم رب! آءُ هن کان راضي آهيان تون بہ هن سان راضي رهجان.
(سمندري گنبد،ص۴)

اي عاشقان اولياء! بيان ڪيل واقعي مان معلوم ٿيو! حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي والدين جي ڪيتري اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندا هئا، اچو! والدين جي فرمانبرداري ڪرڻ واري پيران پير، روشن ضمير،حضور غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو واقعو ٻڌون ٿا،

## ڌاڙيلن توبہ ڪئي

حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: تہ مان علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيلان کان بغداد قافلي وارن سان گڏ روانو ٿيس، جڏهن اسان ”همدان“ کان اڳيان پهتاسين تہ سَٺ (60) ڌاڙيلن قافلي تي حملو ڪيو ۽ سڄي قافلي کي لٽياؤن، پر ڪنهن مون سان زور زبردستي نہ ڪئي، هڪ ڌاڙيل مون وٽ اچي ڪري پڇڻ لڳو: اي ڇوڪرا! تو وٽ بہ ڪجھ آهي؟ مون جواب ڏنو: ها، ڌاڙيل چيو، ڇا آهي؟ مون چيو: چاليھ دينار. ان پڇيائين: ڪٿي آهن؟ مون چيو: گودڙي ۾ (يعني هڙ جي اندر). ڌاڙيل ان ڳالھ کي مذاق سمجهي ڪري هليو ويو، ان کان پوءِ ٻيو ڌاڙيل آيو ۽ ان بہ اهڙي طرح سُوال ڪيا ۽ مان اهي ئي جواب ان کي بہ ڏنا ۽ اهو بہ انهيءَ طرح مذاق سمجهي هليو ويو، جڏهن سڀ ڌاڙيل پنهنجي سردار وٽ جمع ٿيا تہ انهن پنهنجي سردار کي منهنجي باري ۾ ٻڌايو پوءِ مون کي اُتي گهرايو ويو، اهي مال جي تقسيم ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ڌاڙيلن جي سردار مون کان پڇيو: تو وٽ ڇا آهي؟ مون چيو: چاليھ دينار آهن. ڌاڙيلن جي سردار حڪم ڏيندي چيو: هن جي تلاشي ونو. تلاشي وٺڻ تي جڏهن واقعي اهي دينار نڪتا، تہ ان تعجب ڪندي سوال ڪيو تہ توهان کي سچ ڳالهائڻ تي ڪهڙي شيءِ راضي ڪيو؟ مون چيو: امڙ سائڻ جي نصيحت. سردار چيو: اها نصيحت ڪهڙي آهي؟ مون چيو: منهنجي امڙ سائڻ مون کان هي واعدو ورتو هو تہ مان هميشہ سچ

ڳالهائيندس ۽ واعدي جي خلاف ورزي نہ ڪندس. ڏاڙيلن جي سردار روئندي چوڻ لڳو: توهان تہ پنهنجي امڙ سان ڪيل واعدي جي خلاف ورزي نہ ڪئي ۽ سچ ڳالهايو ۽ هڪ اسان آهيون جو سڄي عمر پنهنجي رب سان ڪيل واعدي جي خلاف گذاري ڇڏي. پوءِ انهي وقت ان سردار پنهنجي ساٿين سميت منهنجي هٿ تي توبہ ڪيائون ۽ قافلي وارن جو لُٽيل مال واپس ڪري ڇڏيائون.
(بهجة الاسرار، ذكرطريقه، ص،١٦٨ ملخصا)

مشغول جو رہتا ہے،ماں باپ کی خدمت میں   اللہ کی رحمت سے،جاتا ہے وہ جنّت میں
ماں باپ کو اِیذا جو،دیتا ہے شرارت سے   جاتا ہے وہ دوزخ میں،اعمال کی شامت سے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!   صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقان غوث اعظم! ٻڌو اوهان! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن پنهنجي والده محترمہ جي نصيحت تي عمل ڪيائون تہ الله پاڪ سڄي زندگي لٽ مار ڪرڻ وارن کي توبہ جي توفيق عطا فرمائي، پر افسوس! اڄڪلهه عِلمِ دِين کان دُوري جي سبب اهڙن نادانن جو بہ هڪ تعداد آهي جيڪي ماءُ پيءُ کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا آهن، جيڪي والدين سان ڳالهه ڳالهه تي جهيڙو جهڳڙو ڪندا آهن، والدين کي خوش ڪرڻ بدران پنهنجي **نفساني خواهشن** جي پويان هلي ماءُ پيءُ جي پرواهہ نہ ڪندا آهن، جتي پنهنجي مرضي هجي اتي جائز ۽ ناجائز طريقي سان ماءُ پيءُ کي **زبردستي مڃرائڻ** جي ڪوشش ڪندا آهن، مثال طور

**ڪو چوندو آهي!** مون کي فُلاڻي هنڌ ئي شادي ڪرڻي آهي، منهنجي ماءُ پيءُ کي ڪهڙي خبر، بس منهنجي ئي مرضي هلندي، جيڪا مون کي خبر آهي منهنجا ماءُ پيءُ اهو نٿا ڄاڻن.

**ڪو چوندو آهي!** منهنجي دوست وٽ تہ **قِيمتي موبائل** (Expencive Mobile)

آهي جڏهن تہ مون وٽ **سادو موبائل** بہ ناهي، ڇا مونکي زماني ۾ جيئڻ جو ڪو حق ناهي؟

**ڪو چوندو آهي!** منهنجي اسڪول/ **ڪاليج جا شاگرد** (Students) **گهمڻ ڦرڻ** جي لاءِ مختلف تفريحي هنڌن تي ويندا آهن، **آزادانہ** گُهمندا وتندا آهن، پر منهنجي پيءُ کي منهنجو ڪو اِحساس ناهي، آخر منهنجا بہ ڪي جذبات آهن، ڇا مان صِرف **گهر جي چاردِيواري** ئي ۾ قيد رهان؟.

**ڪو چوندو آهي!** منهنجي ساٿين جو **لباس** نهايت **شاندار** ۽ **قيمتي** هوندو آهي، پنهنجي سادي لباس جي ڪري مون کي انهن سان اٿندي ويهندي شرم اچي ٿو.

**ڪو چوندو آهي!** منهنجا فلاڻا فلاڻا دوست **وڏين وڏين گاڏين** ۾ گهمندا ڦرندا آهن. مون کي گاڏي نہ سهي، تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ **بائيڪ** ئي ڏياري ڇڏيو.

اي غوث پاڪ جي محبت جي دعوي ڪرڻ وارؤ! ڇا اسان جا اولياء ڪرام والدين جي خدمت نہ ڪندا هئا؟ ڇا غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ والده جي فرمانبرداري ڪندي پنهنجا 40 دينار قربان نہ ڪيا هئا؟ ڇا بايزيد بسطامي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ سڄي رات پاڻي جو گلاس هٿ ۾ ڪٽي امڙ سائڻ جي بيدار ٿيڻ جو انتظار نہ ڪندا رهيا؟ تہ پوءِ اسان کي بہ پنهنجي والدين جي گهڻي خدمت ڪرڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي پنهنجي والدين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني دورو"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ ڪوشش جو جذبو ماٺڻ، عبادتِ الهي جو شوق پنهنجي دل ۾ بيدار ڪرڻ، نيڪين تي استقامت ۽ والدين جي

اطاعت جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ اچ ئي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 **مدني ڪمن** ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **مدني دورو** بہ آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن مدني ڪم جا بيشمار فائدا آهن، مثال طور **"مدني دوري"** جي برڪت سان نوان نوان اسلامي ڀائر مدني ماحول جي ويجهو ٿيندا آهن، **"مدني دوري"** جي برڪت سان **بي نمازين کي نمازي** بڻائڻ جي سعادت نصيب ٿيندي آهي. **"مدني دوري"** جي برڪت سان اميرِ اهلسنت جي دعائن مان حصو ملندو آهي. **"مدني دوري"** جي برڪت سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو موقعو ملندو آهي.

12 **مدني ڪمن** مان هفتيوار مدني ڪم **"مدني دوره"** جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رِسالي **"مدني دوره"** جو مطالعو ڪريو، سيئي دعوتِ اسلامي جا ذميدار، خاص ڪري **مجلس مدني قافلي جي نگران ۽ اراڪين** تہ هن رِسالي جو لازمي مطالعو ڪن. اهو رِسالو مڪتبة المدينہ تي دَستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان بہ پڙهي سگهجي ٿو.

هن رِسالي جي مطالعي جي برڪت سان اوهان کي خبر پوندي. ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو **شرعي حڪم** ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جون 13 **فضيلتون ۽ فائدا** ❖ **فروغِ علم** جو سبب ❖ **مسجدن** جي رونق جو سبب ❖ نيڪي جي دعوت کان پهريان جي دعا ❖ **مدني دوري** جا مدني گل ❖ **مدني دوري** جو طريقو ❖ **مدني دوري** جا آداب ❖ مدني دوري بابت **مرڪزي مجلسِ شوريٰ** جي مدني مشورن جا چوند مدني گل وغيره.

اچو! ترغيب لاءِ **"مدني دوري"** جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مسجد آباد ٿي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اسان جو مدني

قافلو پنجاب جي هڪ شهر جي مسجد ۾ پهتو. دروازي تي تالو لڳل هو، دروازو کوليو تہ هر شيء تي مٽي ئي مٽي هئي، ائين معلوم ٿي رهيو هو تہ ڄڻ ڪافي عرصي کان مسجد بند هجي، اسان گڏجي صفائي ڪئي، نمازِ عصر کان بعد مدني دوري جي لاءِ راند جي ميدان ۾ پهتاسين ۽ راند ۾ مشغول نوجوانن کي نيڪي جي دعوت ڏني. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڪيئي نوجوان هٿوهٿ اسان سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا، مسجد ۾ اچي اسان سان گڏ نماز پڙهڻ ۽ سنّتن ڀريو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪياؤن،انفرادي ڪوشش سبب مسجد کي آباد ڪرڻ جي نيت ڪري ورتاؤن. اهو منظر ڏسي اُتي موجود هڪ بزرگ روئڻهارڪو ٿي چوڻ لڳو: مان تہ ماڻهن کي مسجد آباد ڪرڻ جو چوندو رهندو هئس، پر منهنجي ٻڌي ڪير؟ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اَڄ عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۽ مدني دوري جي برڪت سان اسان جي مسجد آباد ٿي وئي.

نہ نيکی کی دعوت ميں سُستی ہو مجھ سے بنا شائقِ قافِلہ يا الٰہی

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۱۰۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقان اولياء! اسان ٻڌي رهيا آهيون تہ ڪوشش ڪرڻ وارا ڪيئن ڪامياب ٿيندا آهن، عبادت جي لاءِ علم جي ضرورت ۽ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪيتري ضروري آهي، اچو! هڪ تمام وڏي عالم جو واقعو ٻڌون ٿا تہ ان جي ڪوشش جي سبب ان تي ڪهڙو ڪرم ٿيو:

## ڪوشش ڪرڻ وارو ڪامياب طالب علم

حضرت سيدنا علامہ سَعدُالدين تَفتازَاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جا ڪتاب درسِ نظامي (عالم ڪورس) جي نصاب ۾ شامل آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه قاضي عبدالرحمٰن شيرازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مدرسي ۾ سڀ کان وڌيڪ گهٽ ذهن

رکندڙ شاگرد هئا، بلڪ گهٽ ذهن هئڻ ۾ سندن جو مثال ڏنو ويندو هو. پر ان جي باوجود سعدالدين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه همت نه هارياؤن بلڪ ڪنهن جي طعني جي پرواهه نه ڪندي پنهنجا سبق پڙهڻ ۽ ياد رکڻ جي لاءِ ڪوشش ۽ محنت جاري رکيائون. هڪ ڏينهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سبق ياد ڪرڻ ۾ مصروف هئا ته هڪ اجنبي شخص اچي چيائين: سعدالدين! اُٿ، اسان گهمڻ ڦرڻ هلون ٿا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون: "مون کي گهمڻ ڦرڻ (Play and amusement) جي لاءِ پيدا ناهي ڪيو ويو، (منهنجي حالت اها آهي جو) مطالعي جي باوجود مون کي ڪجهه سمجهه نٿو اچي، مان ڀلا پوءِ ڪيئن گهمڻ وڃي سگهان ٿو؟ اهو بزرگ اهو شخص هليو ويو پر ڪجهه دير کان پوءِ وري موٽي آيو ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ گڏ هلڻ جو چيائين. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجو ساڳيو جواب دهرايائون. هو وري هليو ويو پر ڪجهه دير کان پوءِ ٻيهر موٽي آيو ۽ هاڻي چوڻ لڳو: اوهان کي رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ياد فرمائي رهيا آهن. اهو ٻڌي سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بدن ڏڪڻ لڳو ۽ پيرين اگهاڙي ئي محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي لاءِ ڊوڙي پيا ايستائين جو شهر کان ٻاهر هڪ هنڌ تي پهتا جتي نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ گهاٽي وڻ جي ڇانوءَ ۾ جلوه فرما هئا. پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سعد الدين تفتازاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ڏسي مرڪندي ارشاد فرمايائون: اسان جي هر هر سڏڻ تي اوهان نه آيا؟ سعدالدين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه انتهائي نوڙت ڀري لهجي ۾ عرض ڪيائون: "يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي معلوم نه هو ته اوهان ياد فرمائي رهيا آهيون ۽ اوهان ته منهنجي ڪمزور يادداشت کان بخوبي واقف آهيو، مان پاڻ ڪريمن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ پنهنجي مرض کان شفا جو طلب گار آهيان." حضرت سعدالدين تفتازاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو فرياد ٻڌي درياءِ رحمت جوش ۾ آيو، نبي رحمت، شفيع امت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: " پنهنجو وات کوليو." پاڻ پنهنجو وات کولياؤن ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعابِ دَهن يعني ٿُڪ مُبارڪ سعدالدين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي وات ۾ وڌائون، ۽ سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي لاءِ دعا گهرياؤن

۾ ڪاميابي (Succes) جي بشارت عطا فرمائي گهر موٽڻ جو حڪم ارشاد فرمايائون. ٻئي ڏينهن جڏهن سعدالدين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قاضي عبدالرحمٰن شيرازي جي درس ۾ حاضر ٿيا ته سبق دوران سعدالدين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه استاد صاحب جي درس ۾ ڪجهه علمي سوال ڪيا (جيڪي باريڪ بيني ۽ گهري سوچ جو نتيجو هو) درس ۾ شريڪ ٻيا شاگرد انهن سوالن جي گهرائي تائين نه پهچي سگهيا ۽ فضول ۽ بي معني سمجهي سندنرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڳالهين ڪان پاسو ڪرڻ لڳا، پر سندن استاد قاضي صاحب جيڪي ميدانِ علم جا شهسوار هئا، حضرت سعد الدين تفتازاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون علمي ڳالهيون ٻڌي اَشڪبار ٿي ويا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي مخاطب ڪري ارشاد فرمايائون: ”اي سعد الدين! اڄ توهان اهي نه آهيو جيڪي ڪل هئا.“ پوءِ حضرت سيدنا سعدالدين تفتازانيرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سچو واقعو استاد صاحب جي بارگاهه ۾ بيان ڪيائون. (شذرات الذهب،سنة احدي و تسعين وسبعمائة، ۶۸/۷)

نبی کی دید ہماری ہے عید یااللہ عطا ہو خواب میں دیدارِ مصطفٰے یاربّ!

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۸۳)

اي عاشقان رسول! بيان ڪيل واقعي ۾ جتي اسان گناهگارن جي شفاعت فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جود ۽ ڪرم ۽ حاجت روائي ڪرڻ ظاهر ٿي رهي آهي، اتي ان مان ٻيا ڪوڙ مدني گل حاصل ٿي رهيا آهن، مثال طور علم دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ اِستِقامت سان ڪيل ڪوشش هميشه رنگ آڻيندي آهي جيئن ته حضرت علامه سعدالدين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪوشش ۽ استقامت سندن کي ڪامياب ڪرايو، ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي دور جا تمام وڏا عالم دين ٿيا جي ويا ۽ پاڻرَحْمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيْه ڪيئي ڪتاب به لکيا.

ياد رکو! علم دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ اهڙي نيڪي آهي جيڪا انسان کي ڪاميابي جون منزلون طئي ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪندي آهي علم جي ميدان ۾ لازوال ڪاميابي سان گڏوگڏ دنيا ۽ آخرت ۾ سرخروئي جو

سبب بڻجندي آهي چوته ❖ علم ئي انسان کي حلال ۽ حرام جي سڃاڻپ ڪرائيندو آهي، ❖ فرض علم حاصل ڪرڻ لازم ۽ رضاءِ الٰهي جو سبب آهي ❖ علم لازم الله پاڪ جي حڪمن کي ڄاڻڻ جو سبب آهي ❖علم خوف ۾ راحت جو سبب آهي، ❖ علم نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جو ميراث آهي، ❖ علم هر ولي کي حاصل آهي .❖ علم تنهائي جو ساٿي آهي، ❖ علم جي وجهه سان انسانن جي فضيلت مخلوق تي ظاهر ڪئي وئي آهي.❖ علم سفر ۾ همنشين آهي ❖علم تنگدستي ۽ خوشحالي ۾ رهنما آهي. ❖ علم دشمنن جي مقابلي ۾ هٿيار آهي، ❖ علم دوستن ويجهو زينت آهي. ❖ الله پاڪ علم جي ذريعي قومن کي بلندي ۽ برتري عطا فرمائي ڀلائي جي معاملي ۾ قائد ۽ امام بڻائيندو آهي عالم سڳورن جي لاءِ هر خشڪ ۽ تر شيء، سمنڊ جون مڇيون، جاندار، خشڪي جا وحشي جانور ۽ ڍور استغفار ڪندا آهن، ❖ علم جهالت جي مقابلي ۾ دِلين جي زندگي آهي. ❖ علم تاريڪين جي مقابلي ۾ اکين جو نُور آهي. ❖ علم جي ذريعي ٻانهو اولياءِ ڪرام جي منزلن کي ماڻيندو آهي. ❖ علم اهڙو نور آهي جيڪڏهن ڪو گهٽ ذهن به ان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪندو آهي ته اهو به ڪاميابي جي منزلن کي طئي ڪري ويندو هو،

## ڪوشش ڪامياب ڪرايو ڇڏيو

امام اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي شاگرد امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي فرمايائون: توهان ته تمام گهٽ ذهين (Unintelligent) هئا پر توهان جي ڪوشش ۽ استقامت توهان کي اڳتي وڌايو، تنهنڪري هميشه سستي کان بچندو رهجان چوته سستي هڪ تمام وڏي آفت ۽ منحوس شيء آهي. (راه علم، ۵۳)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڪروڙين حنفين جي پيشوا سَيدنا امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي خاص شاگرد امام ابويوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي وصيت فرمائي رهيا هئا سستي کان بچندو رهجان چوته اها تمام وڏي آفت ۽ منحوس شيء آهي، جنهن جي ڪري انسان ڪاميابي کان محروم ٿي ويندو آهي،

سستي جي سبب انسان پنهنجي مقصدن کي ماڻڻ ۾ ناڪام ٿي ويندو آهي ۽ امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسلسل ڪوشش جي ڪري پنهنجي دور جا تمام وڏا عالم دين بڻيا، مفتي ۽ قاضي بڻيا. ياد رکو! سستي ڪاميابي جي راهه ۾ تمام وڏي رڪاوٽ آهي، اها اهڙي منحوس عادت آهي جو ان جي ڪري سوين بيون خراب عادتون پيدا ٿي وينديون آهن. طرح طرح جون بيماريون، بلائون ۽ مصيبتون سيئي انهيءَ ڪاهلي جي سبب آهن. ان ڪري هن عادت کي هرگز هرگز پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏيڻ گهرجي، بلڪ ديني ۽ دنياوي ڪمن ۾ هر وقت هوشيار ٿي رهڻ گهرجي، ڇوته محنتي انسان هر شخص جو پيارو هوندو آهي ۽ ڪاهل (Idler) انسان هر در کان ڌڪا کائيندو آهي. ڪاهل انسان نه دنيا جو ڪم ڪري سگهندو آهي نه دين جو انهيءَ ڪري الله پاڪ جي رحمت ٻڌجي دنيا ۾ تشريف کڻي اچڻ وارا نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها دعا گهرندا هئا ته اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْكَسَلِ: يعني اي الله! مان ڪاهلي کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

(ترمذي، ڪتاب الدعوات ، باب ٧١،رقم ٣٤٩٦،ج٥،ص٢٩٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اصلاح امت ۽ امير اهلِ سنّت:

پندرهين صدي هجري جي عظيم عِلمي ۽ رُوحاني شخصيت شيخ طريقت، امير اهلِ سنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ انهن هستين مان هڪ آهن جن کي الله پاڪ ڪيئي ڪمالات عطا ڪيا آهن جن مان اصلاحِ امت جي جذبي سان سرشاردل، جبلن کان وڌيڪ مضبوط حوصلو، معامله فهمي جي حيرت انگيز صلاحيت، نيڪي جي دعوت ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ (Solve) ۽ مشڪلات کي منهن ڏيڻ جي همّت سرِ فهرست آهن. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ شرعات ۾ اڪيلا ئي منزل ڏانهن هليا هئا، دعوت دين جي هن راهه ۾ ڪيئي رڪاوٽون آيون پر پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ صبر ۽ استقامت سان

پنهنجي ڪوشش جاري رکندي منزل جي طرف سفر جاري رکياؤن، دعوت اسلامي جي شروعاتي ڏهاڙن ۾ ڏينهن ۾ گهٽ کري هڪ کان وڌيڪ ڀيرا بيان ڪندا هئا ۽ بسن، ريلن ۾ سفر ڪري مسجد مسجد، ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر پاڻ تشريف کڻي ويندا هئا. شروع شروع ۾ ڪڏهن ته ائين به ٿيندو هو جو گهر واپس ايندي وقت بس اڌ رستي ۾ لاهي ڇڏيندي هئي، رڪشي يا ٽيڪسي جو ڪرايو ادا ڪرڻ جي استطاعت نه هجڻ ڪري آڌي رات جو پنج يا ڇهه ڪلو ميٽر پيادل پنڌ ڪري گهر اچڻو پوندو هئو. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ نيڪي جي دعوت ڏيڻ سان گڏوگڏ مريضن جي عيادت ڪندا، پري ۽ ويجهو وڃي ڪري جنازن م شرڪت فرمائيندا ۽ غمي ۽ خوشي جي موقعن تي مسلمانن جي اهڙي دلجوئي فرمائيندا هئا جو اهي به الله تعالٰي جي فضل سان متاثر ٿيڻ کان سواءِ نه رهي سگهندا هئا. سندن جي مسلسل ڪوشش ۽ ان تي استقامت جو نتيجو آهي جو اڄ دعوت اسلامي جو مدني ڪم دنيا ڀر ۾ پهچي چڪو آهي اڃان وڌيڪ سفر جاري آهي. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ انسان جي شخصيت کي درست سمت ڏانهن گامزن ڪرڻ جي لاءِ عملي ڪوشش ڪئي، ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ فحش گوئي جهڙن ڪيئي ظاهري ۽ باطني بيمارين کان نجات ڏيارڻ جو ذمو ڪنيو، ذاتي اِحتساب (Self-Accountability) جي لاءِ امت مسلمه جي هر فرد چاهي اهو پوڙهو هجي يا جوان، مرد هجي يا عورت، ،مدرسة المدينہ جو شاگرد هجي يا جامعة المدينہ جو، چاهي اهو نابينا هجي يا گونگو ٻوڙو يا چاهي ڪوئي قيدي هجي الغرض سيني کي پنهنجي اڳوٽن عملن تي غور ڪرڻ جو ذهن ڏنائون ۽ ان جي لاءِ "مدني انعامات" جو مضبوط نظام متعارف (Introduce) ڪرايائون.اميراهلسنتدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي صحبت دراصل "ڪردار سازي" جو اهو ڪارخانو آهي جو جتي انسان جي ظاهر ۽ باطن جي ڪَٽِ کي دور ڪري محبتِ الهي ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رنگ سان مزين ڪيو ويندو آهي، اخلاق ۽ ڪردار جي خوشبو ان ۾ رڳي ويندي آهي، حسنِ عمل جي نگينن سان

سينگاري ان ڪي معاشري جي لاءِ پُرڪشش بڻايو ويندو آهي ۽ دينِ اسلام جو اهڙو درد ۽ سوز ان جي دل ۽ دماغ ۾ ويهاريو ويندو آهي جو ان کي هڪ باڪردار انسان، دينِ اسلام جو متحرڪ مبلغ ۽ معاشري جو خيرخواه بڻجڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي. امير اهل سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ معاشرتي اصلاح ڏانهن خاص ڌيان ڏنائون. پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ معاشري جي اصلاح جي لاءِ پاڻ مدني قافلن ۾ سفر ڪري ان جي اهميت ۽ ضرورت کي اجاگر ڪيائون ۽ هن نيڪ ڪم کي خوش اسلوبي سان انجام ڏيڻ جي لاءِ اهڙا تربيت يافته مبلغ فراهم ڪيا جيڪي غير مسلمن کي ايمان جي دعوت ڏيڻ، فاسِقن کي متقي بنائڻ، غافِلن کي خوابِ غفلت کان جاڳائڻ، جهالت جي اونداهي جو خاتمو ڪري عِلم ۽ مَعرِفَت جو نور ڦهلائڻ ۾ مصروف آهن ۽ مسلمانن کي اهو مدني مقصد اپنائڻ جي ترغيب ڏياري رهيا آهن ته ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“ اميراهلسنتدَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ دعوتِ اسلامي جي انتظامي معاملات کي پنهنجي ذات تائين محدود نه رکيائون بلڪ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو، مدني ڪمن جي شوق رکڻ وارن، پنهنجي جان ۽ مال جي قرباني ڏيڻ وارن مبلغن کي پنهنجي نگاهه فيض سان اهڙو نوازيائين جو انهن کي مجلس شوريٰ جي لڙي ۾ پروئي ڇڏيائون ۽ دعوتِ اسلامي جو نظام مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي حوالي ڪري ڇڏيائون. معاشري کي جنهن جنهن ميدان ۾ اصلاح جي ضرورت پيش ايندي وئي دعوتِ اسلامي ان جي لاءِ شعبا قائم ڪيا ان سلسلي ۾ ❖ اشاعت علم جي لاءِ عظيم الشان ديني درسگاهون جامعاتُ المدينہ(للبنين ۽ للبنات) ۽ ديني ۽ دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ دارُالمدينہ، ❖حفظِ قرآن ۾ مصروف مدرسة المدينہ، ❖ مسجد ڀريو تحريڪ سان گڏوگڏ مسجد بڻايو تحريڪ جي لاءِ مجلس خدام المسجد جو قيام، ❖ المدينة العلميہ جهڙو علمي ۽ تحقيقي شعبو، ❖ مڪتبة المدينہ جهڙو اهل سنت جو اشاعتي ادارو، ❖ معاشري جي مختلف طبقن جي ضرورتن کي پورو

ڪرڻ جي لاءِ دلچسپ ۽ معلوماتي مضمونن تي مشتمل ماهوار فيضانِ مدينہ جو جاري ٿيڻ ۽ ❖ ماڻهن جي روزانو پيش ايندڙ مسئلن ڪي بروقت شرعي حل جي لاءِ دارُالافتاء جو قيام سرفهرست آهي. جڏهن تہ عالَمِ اسلام جو 100 فيصد گناهن کان پاڪ اسلامي چينل ”مدني چينل“ تہ گهر گهر پهچي اهڙي انداز ذريعي نيڪي جي دعوت عام ڪري رهيو آهي جو ان کي هڪ سيڪنڊ ڏسڻ وارو بہ ان جي برڪتن کان محروم ناهي رهندو، چاهي اهو ٻار هجي يا وڏو، مرد هجي يا عورت، جڻ تہ هر هڪ مدني چينل جي برڪتن سان علم دين حاصل ڪري رهيو آهي. 107 شعبن ۾ مختلف انداز سان سنتن جي خدمت ۽ نيڪي جي دعوت پهچائڻ جو سلسلو جاري ۽ ساري آهي. دعوت اسلامي جهڙي فعال غير سياسي تحريڪ انقلابي ڪارنامن جي هڪ ناقابل فراموش تاريخ کي پنهنجي اندر سمائي رکيو آهي. اميراهلسنتدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ديني خدمتن جي سلسلي ۾ ڪيون ويندڙ اهي ڪوششون سج جيان روشن آهن جن جو اعتراف اڄ سڄي دنيا ۾ ڪيو پيو وڃي.

الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم، نگاهِ مصطفٰي، امير اهلسنت جي اخلاص، سندن جي ڏينهن رات جي ڪوشش، علماءِ اهلسنت جي دعائن ۽ فيضانِ اولياء سان عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي وڏي تيزي سان جانبِ مدينہ ڊوڙندي پئي وڃي، الله پاڪ اسان کي هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري دين اسلام جي سربلندي جي لاءِ پنهنجو وقت ۽ پنهنجو مال پيش ڪرڻ جي توفيق نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مجلس مڪتبة المدينہ

عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي دنيا ڀر ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ 107 شعبن ۾ دين متين جو ڪم ڪري رهي آهي انهن شعبن ۾ هڪ شعبو ”مجلس مڪتبة المدينہ“ بہ آهي، اُمَّتِ مسلمہ تائين شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا

ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ ۽ بزرگان دين جا ملفوظات ۽ فرمانن کي پهچائڻ جي لاءِ 1986 ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو آغاز ڪيو ويو. دعوتِ اسلامي جي هن شعبي (Department) مان پهريان تہ صرف بيانات جون آڊيو ڪيسٽون جاري ٿيون ۽ پوءِ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان اهڙي ترقي نصيب ٿي جو هاڻي مڪتبة المدينہ تان جتي سنتن ڀرئي بيانن ۽ مدني مذاڪرن جون لکين لکين ڪيسٽون سڄي دُنيا ۾ پهچي رهيون آهن. اتي امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪتابن جو اردو ترجمو، اعليٰ حضرت، اميرِاهلسنت❖ ۽ المدينةُ العِلمِيہ جا ڪتاب بہ شائع ڪري ڪثير تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچايا پيا وڃن. اَلْحَمْدُ لِلّٰہعَزَّوَجَلَّ پاڪستان کان علاوه ٻين ملڪن، جهڙوڪ هند، برطانيہ، جنوبي آفريقہ وغيره ۾ بہ ڪيئي مڪتبةالمدينہ قائم ٿي چڪا آهن، الله پاڪ دعوت اسلامي جي سمورين مجلسن کي وڌيڪ ترقيون ۽ برڪتون عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ! شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَني گُل“ مان جُتي پائڻ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

## جُتي پائڻ جون سُنتون ۽ آداب

❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جوتي پاتل هوندي آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ❖ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي ❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي طرف کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي طرف کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) ❖ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن مسجد ۾ وڃڻ ٿئي تہ پهريان کابو پير ڪڍي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير مان جتي ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪرو تہ کابو پير ڪڍي جتي تي رکي ونو پوءِ کابو پير ڪڍي ساڄو پير پائي ونو پوءِ کابو پائي ونو. (نزهة القاري،٥/٥٣٠) ❖ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ❖ ڪنهن حضرت سيِّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت ج 3 صفحي 422 تي فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ گهرجن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ فرق واضع ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي ❖ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو ❖ (تنگدستي جو هڪ

سبب هي به آهي ته) اونڌي جوتي کي ڏسڻ ۾ ان کي سڌو نه ڪرڻ. ”دولت بي زوال“ ۾ لکيل آهي ته سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي ته شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور،حصه ۵، ص۶۰۱)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل به ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## اڳئين هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع هوندو” آخرت جي تياري جو اندازو ڪھڙو هئڻ گهرجي“ هن ۾ اسان آخرت جي تياري کي بهتر ڪرڻ وارن ڪجھ طريقن جي متعلق ٻڌنداسين. ضمناً صحابي رسول، سيدنا زبير بن عوام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ حضرت سيدنا امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ذکر خير به ٻڌنداسين. وڌيڪ ڪيئي مدني گل به پيش ڪيا ويندا. لهٰذا! **آئنده جمعرات به اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. (1)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. (2)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305